UNIVERSITY OF SIND

# ماهانا سائنس

آڪٽوبر ١٩٧١ع

مضمون

● ائٽم بم ● سائنس جي رفتار ● ذيابطيس
● ٽيوب لائيٽ ● ذهن جو ذهن سان ڪلام
● بنو موسيٰ بن شاڪر ● زراعت ۽ زميني
فصلن جي ورهاست .



ڊئريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان منظور ڪيل

# ماهوار

# سائنس


ايڊيٽر — ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر — ظفر حسن
مرتضيٰ پيتي

دفتر ادارت

"انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري"
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
فون - - - - - - - - - - [illegible]



ناشر ۽ منتظم

"انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي"
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ
فون - - - - - - - - - - [illegible]

آڪٽوبر ١٩٧١ع

سال ١ ❋ پرچو ١٠

قيمت

في پرچو ٦٠ پئسا سالانه ٧ رپيا



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| مضمون | لکندڙ | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ائٽم بم | محمد حيات ڪاڪا<br>بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن لطيف آباد | ۵ |
| سائنس جي رفتار | اداره | ۹ |
| ذيابيطس | وزير محمد شيخ<br>چوٿون سال (ايم-بي-بي-ايس)<br>۱۲۵- الرازي هال، ايل-ايم-سي جامشورو | ۱۳ |
| ٽيوب لائيٽ | صدرالدين شيخ<br>انجنيئرنگ ڪاليج-سنڌ يونيورسٽي، جامشورو | ۱۵ |
| ذهن جو ذهن سان ڪلام | اڪرام حسين<br>اسٽوڊنٽ (پهو سال)<br>انجنيئرنگ ڪاليج؛ سنڌ يونيورسٽي جامشورو | ۱۹ |
| بنو موسيٰ بن شاڪر | اداره | ۲۱ |
| زراعت ۾ زميني فصلن جي ورهاست | محمد قاسم رند بلوچ<br>ايم-ايس-سي (ائگريڪلچر)<br>ريسرچ اسسٽنٽ، دادو فارم | ۲۳ |
| ٻارن جا صفحا | | ۲۵ کان ۳۰ |



هُوَ الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ
مَنَاكِبِهَا وَ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ط وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ ۝ ءَاَمِنْتُمْ
مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ
تَمُوْرُ ۝ لا اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ
حَاصِبًا ط فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ۝ . (المُلک - ٦٧)

”(الله) اهو آهي جنهن زمين کي اوهانجي لاءِ تابع ڪيو ته ان جي
رستن ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان کائو؛ ۽ جيئرو ٿي ڏانهس ئي
اُٿيو ٿيڻو آهي. اوهين انهيءَ (الله) کان بي ڊپا ٿيا آهيو ڇا؛
ته جو آسمان ۾ آهي، سو متان اوهان کي زمين ۾ ڪِرهائي ڇڏي؛
پوءِ اتي جو آتي زمين ڏڪي - اوهين هن ڳالهه کان بي ڊپا ٿيا
آهيو ڇا، ته جيڪو آسمان ۾ آهي، سو متان اوهان تي پٿر وسائيندڙ
واءُ موڪلي؛ پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ ته منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي.“

اڪرام حسين



# ذهن جو ذهن سان ڪلام

# (Telepathy)



**”ٽيلي پيٿي“** (Telepathy) جو فلسفو دراصل نئون نہ آهي. ان جو بنياد انساني فطرت تي ٻڌل آهي. اهڙيون ڪافي ڳالهيون اسان جي روز مره جي زندگيءَ ۾ ٿين ٿيون پر اسان ڌيان ڪو نہ ٿا ڏيون. پيار يا سچي محبت جي ڇڪ روحاني قرب پيدا ڪري ٿي، جيئن تہ پٽ جي حادثي وقت ماءُ جو بر وقت ننڊ مان جاڳي پوڻ. ٻن محبت ڪندڙن مان جڏهن هڪ کي ڪو ايذاءُ رسي ٿو تہ ٻئي کي تڪليف محسوس ٿئي ٿي. روسي ماهرن جو چوڻ آهي تہ پاڻ ۾ محبت ڪندڙ گهر جي ڀاتين ۾ هڪ قسم جو روحاني تعلق پيدا ٿئي ٿو ۽ اهو هڪ فطري امر پڻ آهي.

هيءَ دراصل هڪ لڪل طاقت آهي جنهن سان ماڻهو پنهنجي دماغ جي لهرن کي ٻئي دماغ جي لهرن سان هم آهنگ ڪري ٿو ۽ پوءِ جيڪا ڳالهہ پهريون ماڻهو پنهنجي ذهن ۾ آڻي ٿو اها پاڻهي ٻئي جي ذهن ۾ بہ اچي وڃي ٿي.

ٽيلي پيٿيءَ جي ميدان ۾ سڀ کان وڌيڪ ترقي روس ڪئي آهي. ان کانپوءِ امريڪا ۽ چين جو نمبر اچي ٿو. ٻي جنگ عظيم ۾ پهريون ڀيرو امريڪا ان مان فائدو ورتو ۽ هڪ آبدوز ۾ خشڪيءَ تان پيغام موڪليا ويا جنهن جو تمام ڪامياب نتيجو نڪتو. ان کانپوءِ روس ان عمل جي اهميت کان واقف ٿيو ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳو. هن وقت سائبيريا (Siberia) ۾ هڪ مڪمل سائنسي شهر ٺهيل آهي جتي هپناٽزم (Hypnotism)، ٽيلي پيٿي (Telepathy) ۽ پيرا سائيڪالاجي (Parapsychology) جا جدا جدا اسڪول آهن ۽ هر اسڪول ۾ تحقيقاتي ڪم زور شور سان جاري آهي. هر علم جو مڪمل نصاب آهي جنهن تي عملي تجربا بہ ٿين ٿا، جنهن سان قدرتي صلاحيتن جي ترقي ٿئي ٿي ۽ نيون راهون کلن ٿيون. لينن گراڊ جي تاريخي شهر ۾ پڻ اهڙي قسم جا تعليمي مرڪز قائم آهن.

لينن گراڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيل تجربن مان معلوم ٿيو آهي تہ انسان کانسواءِ ٻين جاندار شين جي چوڌاري بہ ”مقناطيسي لهرون“ گردش ڪنديون رهن ٿيون جن کي رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو. اهو تجربو اجا تحقيقي مرحلي ۾ آهي. روسي سائنسدان ٽيلي پيٿيءَ جي عمل سان ننڊ ڪرائڻ، ۽ ’ذهني قوت‘ جي ذريعي مشينن جي چرپر کي روڪڻ جي تجربن ۾ پڻ مصروف آهن.

١٩٦٧ع ۾ روسين پهريون ڀيرو ٽيلي پيٿيءَ کي راڪيٽ جي ڪنٽرول سان تعلق ۾ آڻڻ لاءِ ڪم آندو. راڪيٽ ۾ مواصلاتي نظام جي خراب ٿيڻ ڪري، مرڪز کان خاص هدايتون ٽيلي پيٿيءَ جي مدد سان موڪلي سگهجن ٿيون جيڪي سؤ سيڪڙو فائدي واريون آهن ۽ راڪيٽ هلائڻ وارا مشڪل ۾ نٿا ڦاسن.

ان عمل سان يادداشت جي قوت وڌي ٿي، پنهنجي ذات ۾ ڀروسو اعتماد ٿئي ٿو ۽ قوت ارادي پختي ٿئي ٿي. ٽيلي پيٿيءَ لاءِ فطري صلاحيت بنيادي شئي آهي ۽ مشق سان ان صلاحيت کي وڌائي سگهجي ٿو. عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ انڌن، گونگن يا ٻوڙن ۾ اهي صلاحيتون وڌيڪ ٿين ٿيون، يا ائين چئجي تہ جيڪڏهين قدرت انهن کان هڪ نعمت کسي ٿي تہ ان جي بدلي ۾ ٻيءَ سان نوازيو ڇڏي.

ٽيلي پيٿيءَ جي عمل لاءِ ڪجهہ مفيد نڪتا مقرر ڪيل آهن. جيڪڏهين ڪو ماڻهو ان سلسلي ۾ ڪو تجربو ڪرڻ چاهي تہ ان کي هيٺين طريقي تي عمل ڪرڻ گهرجي:-

تنهن ۽ چست ڪپڙن جي بجاءِ هلڪا ۽ ويڪرا ڪپڙا پائجن جيئن جسماني آرام ملي ۽ دماغ اطمينان محسوس ڪري. اهڙي طرح سان دماغ کي ڪم ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. ڪنهن اهڙي جاءِ تي ويهجي جتي جسم

مڪمل سڪون محسوس ڪري ۽ دماغ جي ڪم ۾ ڪا رڪاوٽ نہ پوي.

عمل شروع ڪرڻ کان اڳ دماغ مان اجايا خيال ۽ وسوسا ڪڍي ڇڏجن ۽ ڪنهن بہ قسم جو خوف يا گهٻراهٽ محسوس نہ ڪرڻ گهرجي. پاڻ ۾ خوداعتمادي پيدا ڪجي ۽ اهو پختو يقين رکڻ گهرجي تہ جيڪو ڪم ڪرڻو آهي اهو ضرور ٿيڻو آهي. پنهنجي منزل دماغ ۾ قائم رکجي ۽ ڪاميابيءَ سان دماغ کي هڪ جاءِ تي بيهارجي. جنهن ماڻهوءَ سان تعلق پيدا ڪرڻ جي خواهش هجي ان جي تصور کي پنهنجي دماغ جي پردي تي آڻجي ۽ ائين محسوس ڪرڻ گهرجي ڄڻ تہ آهو روبرو موجود آهي. ان ڳالهہ جو خيال رهي تہ اهو تصور ذهن مان گم نہ ٿئي.

هاڻي جيڪو شخص معمول يعني ميڊيم (Medium) هوندو ان جو تصور دماغ جي پردي تي هوندو. ان ڪانپوءِ انهيءَ شئي جو تصور آڻجي جيڪا ميڊيم کي ڪٺي آهي ۽ جنهن متعلق ان کي پيغام پهچائڻو آهي. انهيءَ دوران خيالن کي پوري طرح پنهنجي قبضي ۾ رکجي ۽ هرطرف کان لا تعلق ٿي فقط هڪ ئي نقطي تي سوچجي تہ اهو پيغام فلاڻي ماڻهوءَ تائين پهچائڻو آهي ۽ بس.

ان کانپوءِ جيئن ئي عامل جي دماغ مان خارج ٿيل لهرون معمل (ميڊيم) جي دماغي لهرن سان هم آهنگ ٿينديون، پيغام ان تائين پهچي ويندو.

سائنسدانن تجربن مان ثابت ڪيو آهي تہ جيڪڏهن عامل ۽ معمول جي چوڌاري مصنوعي مقناطيسي لهرون پيدا ڪيون وڃن تہ ٽيلي پيٿيءَ جو عمل مسمريزم جي عمل کان وڌيڪ تيز ۽ اثر وارو ٿئي ٿو، ڇوجو مقناطيسي لهرن جي ڪري دماغ مان خارج ٿيندڙ لهرون وڌيڪ طاقتور ٿي وڃن ٿيون.

هن عمل تي موسم جو بہ اثر ٿئي ٿو. سج جي چمڪندڙ روشني يا رات جي مڪمل اونداهي اِن ڳالهہ لاءِ گهڻي قدر مناسب آهن. گهڻو ڪري رات جو وقت وڌيڪ مناسب ٿيندو آهي ڇو جو ان وقت ٻاهريون گوڙ بلڪل ختم ٿي ويندو آهي. روسي ماهر پڻ رات جي وقت پيراسائيڪالاجي تي تجربا ڪندا آهن.

الله پاڪ انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏيندي ڪائنات جي رازن تان پردي کڻڻ جي دعوت ڏني آهي. انسان اِن ڳالهہ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي يا ٿيندو، ان جو فيصلو سندس ڪوشش تي ئي مدار رکي ٿو.


# سائنس جو "سالگره نمبر"

## ڊسمبر ١٩٧١ع ۾ شايع ٿيندو

ماهنامہ "سائنس" جي پهرئين سال اندر ڪاميابي ۽ مقبوليت جو جشن ملهائڻ لاءِ اداره جي منتظمين طرفان ڊسمبر ١٩٧١ع ۾ هڪ شاندار "سالنامو" شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هڪ سؤ صفحن تي مشتمل هي سالنامو دستوري معيار مطابق بهترين مواد، گيٽ-اپ ۽ ڇپائي وغيره جي خوبين سان سينگاريل هوندو. هن سالنامي ۾ سائنس جي مڃيل مکيہ شاخن بابت مستند، مفيد ۽ مڪمل معلومات مهيا ڪرڻ لاءِ واسطو رکندڙ ماهرن کي عام دعوت ڏني ويئي آهي. سالنامہ جي تياريءَ جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري ان لاءِ گهربل مواد جيترو جلد ٿي سگهي ايڊيٽر "سائنس" انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو" جي ائڊريس تي موڪلڻ گهرجي.

دلچسپي رکندڙ قارئين ڪرام سالانہ ميمبر بڻجي هي سالنامو "سالانہ في" ۾ ئي حاصل ڪري سگهن ٿا. سالانہ في (ست رپيا) مني آرڊر ذريعي سرڪيوليشن انچارج، ماهنامہ سائنس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد" جي ائڊريس تي موڪلڻ گهرجي.

ايجنٽ حضرات کي پنهنجون ڪاپيون "ميسرس سليمان برادرس، ڪوٽڙي والا چيمبرس، حيدرآباد سنڌ" وٽ اڳواٽ محفوظ ڪرائڻ گهرجن.

* قيمت ڏيڍ رپيو *

نوٽ:- مضامين جي اشاعت، رسالي جي خريداري يا ايجنسي بابت وڌيڪ معلومات مٿي ڄاڻايل واسطيدار ائڊريسن تي خط و ڪتابت ذريعي يا روبرو حاصل ٿي سگهندي.



## نئي سائنسدان پائر

# "بنو موسيٰ بن شاڪر"

**"موسيٰ بن شاڪر"**، خليفي مامون رشيد جي زماني ۾ هڪ امير ۽ عالم شخص ٿي گذريو آهي. مالدار هجڻ جي باوجود هن تحصيل علم ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو ۽ علم رياضيءَ ۾ مهارت حاصل ڪئي. خليفو مامون رشيد علماءَ جي سرپرستي ڪندو هو تنهنڪري هن "موسيٰ بن شاڪر" کي به پنهنجن خاص مصاحبن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ هنجو شمار عمائدين سلطنت ۾ ٿيڻ لڳو. مامون رشيد جي خلافت ۾ جڏهين هن وفات ڪئي ته هنجي ٽن صغير پٽن هرهڪ: (١) محمد بن موسيٰ بن شاڪر (٢) احمد بن موسيٰ بن شاڪر (٣) حسن بن موسيٰ بن شاڪر کي خليفي مامون رشيد پنهنجي سنڀال هيٺ رکيو ۽ بيت الحڪمت جي مشهور سائنسدان "يحيٰ بن منصور" کي سندن تربيت جون واڳون سونپيائين.

خليفي مامون رشيد جي دؤر حڪومت ۾ ئي هي ٽيئي ڀائر جوان ٿيا ۽ نه صرف علم جي آسمان تي ڀهڪندڙ تارا بڻجي چمڪيا پر دنياوي جاه، مرتبي ۽ دولت جي لحاظ کان به هو پنهنجو مٽ پاڻ هئا. چيو وڃيٿو ته ٽنهي ڀائرن مان هرهڪ جي سالانه آمدني لکين دينارن تائين ٿيندي هئي. تاريخ ۾ کين **"بنو موسيٰ بن شاڪر"** جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

### محمد بن موسيٰ بن شاڪر

"موسيٰ بن شاڪر" جي ٽنهي پٽن مان وڏو پٽ "محمد بن موسيٰ" علم و فضل ۾ سڀ کان وڌيڪ هو ۽ علم هيئت ۽ علم رياضيءَ ۾ کيس خاص مهارت حاصل هئي. ساڳئي وقت هو حڪومت ۾ فوجي خدمتون به انجام ڏيندو هو. سائنس سان گهرو شغف هئڻ سبب هن پنهنجي دولت جو هڪ وڏو حصو علمي ڪمن ۾ صرف ڪري ڇڏيو.

"محمد بن موسيٰ شاڪر" پنهنجي خرچ تي ان وقت جي سڀ کان وڏي مترجم "حنين بن اسحاق" کان ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما ڪرايا. انهيءَ ڪانسواءِ هن هڪ ٻئي نوجوان "ثابت بن قره حراني" کان، جيڪو يوناني ۽ عربي زبانن تي ڪامل عبور رکڻ سان گڏو گڏ سائنسي علمن ۾ به دستگاه رکندو هو، پڻ ڪيترن ئي مفيد ڪتابن جا ترجما ڪرايا.

"محمد بن موسيٰ" هڪ اعليٰ قسم جي حساس ۽ صحيح وزن ڪندڙ ساهمي (ترازو) ايجاد ڪئي جنهن کي اسين موجوده زماني ۾ ڪيميائي ساهمي يا ڪيميڪل بئلنس (Chemical Balance) سڏيندا آهيون. هن انهيءَ ساهميءَ جي ساخت ۽ استعمال جي طريقي تي هڪ مقالو به لکيو هو. "محمد بن موسيٰ" پنهنجي ڏکهي چمار ۾ ائن خليفن

جهڙوڪ: معتصم، واثق، متوڪل، منتصر، مستعين، معتز، مهتدي ۽ معتمد جي خلافت جو زمانو ڏٺو. سندس وفات خليفي معتمد جي عهد ۾ ٨٧٢ع ۾ ٿي.

## احمد بن موسيٰ

اسلامي دؤر ۾ جيترا به سائنسدان گذريا آهن، انهن جي اڪثريت هيئت دانن ۽ رياضي جي ماهرين تي مشتمل آهي جو ته سائنس جون اهي ٻئي ٻه شاخون انهيءَ دؤر ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور هيون.

طبيعيات ۽ خصوصاً ميڪينڪس (Mechanics) جي سائنس ان وقت تائين ڪا به ترقي ڪانه ڪئي هئي. تنهن ڪري جهڙيءَ طرح سسليءَ جي قديم سائنسدان ارشميدش ڪانسواءِ يوناني دؤر ۾ ڪو به نامور ميڪينڪ نه ٿي گذريو آهي، اهڙي طرح سموري اسلامي دؤر ۾ جن سائنسدانن ميڪينڪس کي پنهنجي تحقيقات جو محور بڻايو، انهن جو تعداد ٻن ٽن کان وڌيڪ نه آهي ۽ موسيٰ بن شاڪر جي وچئين پٽ "احمد بن موسيٰ" جو شمار به انهن ۾ ٿي ٿئي ٿو.

هن اهڙيون اهڙيون ڪَلُون ناهيون ۽ مشينون ايجاد ڪيون جن کي ڏسي عقل دنگ رهجيو وڃي. هن انهيءَ علم تي هڪ ڪتاب به لکيو هو جيڪو ميڪينڪس تي دنيا جو پهريون ضخيم ڪتاب هو.

## حسن بن موسيٰ

موسيٰ بن شاڪر جو سڀ کان ننڍو پٽ "حسن بن موسيٰ" جاميٽريءَ جو وڏو محقق هو. ان زماني ۾ "اقليدس" جاميٽريءَ جو سڀ کان معياري ڪتاب ليکيو ويندو هو تنهنڪري جيڪو شخص ان ڪتاب جي سيني مسئلن تي عبور حاصل ڪري وٺندو هو ان کي جاميٽريءَ جو عالم سمجهيو ويندو هو. حسن بن موسيٰ جو ڪمال اهو هو جو هو جاميٽريءَ ۾ فقط اقليدس ۾ لکيل مسئلن تي اڪتفا نه ڪندو هو بلڪ پاڻ به نوان نوان مسئلا ڪيندو ۽ انهن جا حل ڳوليندو هو. جاميٽري ۾ هنجو خاص ڪارنامو اهي مسئلا آهن جيڪي هن بيضي يعني ايلپس (Ellipse) بابت بيان ڪيا آهن. ان کان اڳ رياضي دان فقط گول دائره جي ئي مسئلن کان واقف هئا ۽ بيضي جي قاعده جي ڪين خبر ڪانه هئي.

موسيٰ بن شاڪر جا هي ٽيئي پٽ جيئن ته علم و فضيلت سان گڏوگڏ مال و جاه ۾ به اوچو مرتبو رکندا هئا تنهنڪري سائنس جي ٻين عالمن کي پنهنجو مٽ نه سمجهندا هئا. انهيءَ زماني ۾ سند بن علي ۽ يعقوب الڪندي به مشهور سائنسدان هئا پر هي ٽيئي ڀائر انهن جي مخالفت ڪندا رهندا هئا. انجي باوجود سند بن علي هڪ دفعي مٿن اهڙو احسان ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو بدنامي ۽ خليفه جي عتاب کان بچي ويا.

هي واقعو خليفي متوڪل جي دؤر جو آهي جيڪو مامون الرشيد جو پاءُ هو. خليفي متوڪل دجله درياءَ مان هڪ نهر ڪڍڻ جو ڪم هنن ٽنهي ڀائرن جي سپرد ڪيو. جڏهين اها نهر تيار ٿي ويئي تڏهين خليفي جي ڪن درٻارين جيڪي ٽنهي ڀائرن جا مخالف هئا، خليفي جا ڪَنَ ڀريا ته نهر جي طاس اوچي رکي ويئي آهي جنهن سبب ان ۾ پاڻي پوري طرح وهي نٿو سگهي. خليفي "سند بن علي" کي تحقيقات تي مامور ڪيو ته جيڪڏهين نهر جي تعمير ۾ غلطي ثابت ٿي ويئي ته انهن کي موت جي سزا ڏني ويندي ۽ سندن جائداد ضبط ڪري ان مان نهر تي ٿيل سمورو خرچ وصول ڪيو ويندو. سند بن علي جڏهين تحقيقات ڪئي تڏهين کيس معلوم ٿيو ته نهر جي تعمير ۾ واقعي غلطي ٿيل آهي پر هن خليفي وٽ اها ڳالهه ظاهر نه ڪئي بلڪ اهو رايو ڏنو ته نهر جي کوٽائي بلڪل صحيح ٿيل آهي. اهڙي طرح ٽنهي ڀائرن جي جان بچي ويئي، پر ڪين انهيءَ ڳالهه جو ڪٿڪو ضرور هو ته سندن غلطي ڪنهن موقعي تي ضرور ظاهر ٿي ويندي. اتفاق سان ان واقعي کي اڃا مهنو ڪن به نه ٿيو ته خليفي متوڪل کي سندس ترڪ سردارن قتل ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪانپوءِ اهو معاملو لڏ مٿي ٿي ويو.



۾ ڪيترن ئي قسمن جا ضروري اوزار ۽ فالتو پرزا آهن ٽئين خاني ۾ پڻ هڪ وڏي انجڻ آهي، باقي چوٿون خانو صرف ماڻهن جي وهڻ ۽ سمهڻ لاءِ آهي، جنهن ۾ اسين پڻ ويهنداسون.

حقيقت ۾ اهو ئيون حصوئي آهي، جيڪو چنڊ تي لهندو. تنهنڪري انکي "چنڊ گاڏي" جو نالو ڏنو ويو آهي. باقي ٻيا ٻه حصا واٽ تي ئي رهندا، جيئن اڳتي هلي ڏسڻ ۾ ايندو.

**(ب) پوشاڪ:** هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسين پنهنجي عام ڪپڙن سان چنڊ جو سفر ڪري ڪونه سگهنداسون. اسانکي هڪ خاص پوشاڪ پائڻي آهي، جنهنکي چئبوئي آهي "خلائي پوشاڪ". نالوته پوشاڪ اٿس پر دراصل اها هڪ مڪمل تجربيگاه (Laboratory) آهي ان پوشاڪ ڪانسواءِ اسين جيڪر واٽ تي ئي مري ختم ٿي وڃون. ان پوشاڪ ۾ ٻين ضروري شين سان گڏ، آڪسيجن جون ٿيلهيون به رکيل آهن، جيڪي انسان کي چنڊ تي زنده رهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. هن پوشاڪ جي قيمت اٽڪل ويه هزار روپيه ٿي وڃي ٿي.

**(ت) فضا:** ٻارن کي اها ته خبر هوندي ته اسان جي زمين هوا جي هڪ تهه سان گهيريل آهي جنهنجي ٿولهه ٻه ميلن ۾ آهي. هوا جي ان تهه کي اسين "فضا" سڏيندا آهيون. اها هوا اسان تي داٻ آڻي ٿي، پر اهو داٻ اسين عام طور محسوس ڪونه ٿا ڪريون. جڏهن فضا جي حدن کان ٻاهر نڪربو ته پوءِ يا ته جلي خاڪ ٿي وڃبو، يا اسان جو جسم ڦاٽي پوندو. ٻيو ته فضا جي هئڻ سبب اسين ساهه کڻي سگهون ٿا ڇاڪاڻ جو هوا ۾ آڪسيجن موجود آهي، پر چنڊ تي نڪا فضا آهي نڪا هوا، تنهنڪري اتي هٿرادو آڪسيجن ڪانسواءِ جيئڻ ناممڪن آهي. ٿيون ته، فضا ۾ شين کي وزن ٿيندو آهي. "وزن" مان مراد اها آهي ته اسان کي زمين ڪشش کيو بيٺي آهي ۽ ان سبب ڪري ئي اسين زمين تي ٽڪيل آهيون پر فضا کان ٻاهر، يا چنڊ تي اسين بي وزن ٿي پونداسين جنهنڪري اسان کي اٿڻ وهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ٽپا ڏيڻ ۽ ڊوڙ پائڻ جو ڇڻ ڏانءُ ئي ڪونه ايندو. چوٿين ڳالهه اها به ياد رکڻ گهرجي ته فضا اسانجو بچاءُ به ڪريٿي ڇو ته اها سج جي ڪرڻن کي سنئون سڌو اسان تائين پهچڻ کان ٿي ڏئي. هوا جي مختلف تهن مان لنگهڻ ڪري؛ سج جي ڪرڻن جي گرمي گهٽجيو وڃي نه ته جيڪر اسان جا جسم يا ٻيون

وانگر اڏامندا رهون ها. اسين اڃا ٻه چنڊ کان ٢٣٠،٠٠٠ ميل پري آهيون.

جيئن ته چنڊ، ڪائنات ۾ هڪ نقطي مثل آهي، پر نقطو ٻـــه اهڙو، جيڪو هميشه حرڪت ۾ رهي ٿو تنهنڪري اسان کي ان طرف ائين سفر سنوارڻو آهي، جـو ٺيڪ منزل تي پهچي وڃون ۽ ڪنهن ٻئي طرف گم نــه ٿي وڃون. انهيءَ لاءِ چنڊ ڏانهن سنئون سڌو نشانو وٺـي هلڻو نہ آهي، پر اهڙيءَ جڳهه جـــو نشانو وٺڻو آهـــي، جنهن جڳهه تي ٽن ڏينهن کان پوءِ چنڊ موجود هوندو. خير، اها مشڪل ته اوزارن جي وسيلي حل ٿـي ويندي. اسان جـي سواري هن مهل ٢٥٠٠ ميل في ڪلاڪ رفتار سان هلي رهي آهي. هي جهاز بلڪل بي وزن آهي ۽ خلا ۾ ڦوڪڻي وانگر پيو تري. هن جي رفتار تڏهين گهٽائي ويندي، جڏهين اسين چنڊ جي ڪشش واريءَ حد يا چنڊ جي مدار ۾ داخل ٿينداسون. اسانکي وري ٻه جهاز جي انجڻ جو معائنو ڪرڻ ۽ پنهنجو سامان وغيره جانچڻ گهرجي.

اسان جو سفر بلڪل آرام سان طئہ ٿي رهيو آهي ۽ هاڻي اسين چنڊ جي مدار اندر داخل ٿي رهيا آهيون جهاز جي رفتار ان ڪري گهٽائي وئي آهي تـــہ متان جهاز چنڊ کان ٻــہ پريرو نڪري وڃي ۽ اهڙيءَ طرح مقرر راهہ تان ڇٽڪي نہ وڃون.

هن وقت اسين چنڊ کان صرف هڪ سؤ ميل پري آهيون. اسان جـي سواريءَ جي رفتار هن وقت ٣٠٠٠ ميل في ڪلاڪ آهـي. صرف اڌ منٽ ۾، اسان جـــي جهاز چنڊ جـــي مدار جـــي چوڌاري چڪر هڻڻ شروع ڪري ڏنا آهن. اسين درين يا گڙکين مان چنڊ کي ڏسي سگهون ٿا. اسين انهيءَ تاڙ ۾ آهيون تہ ڪنهن اهڙي موزون جڳهه تـي لهون، جيئن اسان کـي ڪا تڪليف نہ پهچي. اسان جي چنڊ گاڏي، خلائي جهاز کان ڌار ٿي، اڇي چنڊ جـي سطح تي لٿي آهي ۽ خلائي جهاز چنڊ جـــي چوڌاري چڪر هڻي رهيو آهي ۽ اسان جي چنڊ گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهيو آهي.

اسان هاڻ چنڊ جـي مٿاڇري تي لٿا آهيون. پنهنجون پوشاڪون سنڀاليو ۽ خيال سان قدم کڻو. ڏسو تہ چنڊ جو مٿاڇرو ڪيئن نہ هڪ قسم جي خشڪ مٽيءَ سان ڇانيو پيو آهي. هتي نـــہ پاڻي آهي نہ وڻڪار. اسان کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ساهوارو هت ڪو نہ آهي. چنڊ جي مٿاڇري تي گهمو ڦرو ۽ جلدي موٽو تہ وري واپس هلون. قسمت سانگي آيـا آهيون، وري الاجي اچڻ ٿئي يا نہ، سو هتان ڪا سوکڙي پاکڙي کنيو هلون. هتي ٻيو وري ڇا آهي؟ صرف چنڊ جي مٽي ۽ پٿر آهن، جيڪي کڻون ٿا.

ڏسو تہ خلائي جهاز چنڊ جي چوڌاري ڪيئن نہ چڪر هڻي رهيو آهـــي ۽ اسان جي چنڊ گاڏيءَ جـــو انتظار ڪري رهيو آهي. هاڻي اسان جي چنڊ گاڏي بہ چنڊ جي مٿاڇري تان مٿي اڏامي ٿي.

ٺيڪ اصل جهاز سان چنڊ گاڏي ملي وئي. هاڻي هلون ٿا واپس زمين ڏانهن. صرف ٽن منٽن ۾ چنڊ جي مدار کان نڪري آيا آهيون. جهاز جي رفتار ٻــہ وڃي ٿـي وڌندي. اڃهو جهاز ٦٠٠٠ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهيو آهـــي ۽ رفتار وڃي ٿي اڃا ٻـــہ وڌندي. هن مهل ان جي رفتار ٢٥٠٠٠ ميل في ڪلاڪ آهـي. جيئن تہ هاڻي اسان جو جهاز سمنڊ ۾ لهڻ وارو آهي، تنهنڪري ان جي رفتار وڃي ٿي گهٽبي. نيٺ اچي سمنڊ ۾ لٿاسون، جتي اڳ ۾ ئـي هيليڪاپٽر تيار بيٺا آهن. انهن ۾ سوار ٿـي، خشڪيءَ تي آيا آهيون ۽ موٽر ڪار ۾ سوار ٿي، اچي پنهنجي ڪلاس ۾ پهتا آهيون.

